سنڌ ديش


ڊاڪٽر ٺاڪرام ايسراڻي

چيئرمن راجسٿان سنڌي اڪادمي

طرفان لکيل ڪويتائن جو سنگره

راجسٿان سنڌي اڪادمي

جئپور



شڀ ڪامنا

سنديش

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي
چيئرمين راجستان سنڌي
اڪادمي جي ڪويتائن

جو سنگرهه راجستان سنڌي اڪادمي ڇپائي پڌرو ڪري رهي آهي اهو ڄاڻي خوشي ٿي .

اميد ته ڪريان ته ٻالڪ ۽ ٻڌندڙ انهن ڪويتائن ۾ سمايل سکيائن طرف پنهن جو ڌيان ڏيندي انهن سکيائن کي گرهڻ ڪندا .

اها به خوشي جي ڳالهه آهي جو ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي پاڻ هندي ڀاشي نه هوندي به انهن ڪويتائن جو هندي ڀاشا جو سنگرهه الڳ ڇپارايو آهي .

اڪادمي جي چيئرمين جي ناتي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي طرفان ڪيل ڪم پڻ سراهه جوڳو آهي .

آءٌ راجستان سنڌي اڪادمي جي هن اُدم جي سراهه ته ڪريان ۽ سڦلتا لاءِ شڀ ڪامنائون ته موڪليان .

جئپور — ڀيرو سنگهه شيخاوت
۱-۱۰-۹۳ — اڳيون مکيه منتري راجستان

چپيندڙ — واسديو اينسوالڊي
دوڪان نمبر ٢، نيو مارڪيٽ،
ڪنوينٽ سپرا، اجمير - ٣٠٥٠٠١
فون : ٢١٧٦٦

ڇپائيندڙ — شري اين. ٻيلاڻي، سيڪريٽري
پاران راجستان سنڌي اڪادمي
جي ٧، سڀاش مارگ - سي اسڪيم
جئپور (راجستان)

سال — ١٩٩٣

ڪاپيون — پنج سو ڇاپو پهريون


قيمت — ڏهه روپيه ١٠ روپيه هڪ ڪاپي

هن سنگرهہ ۾ جيڪي ڪويتائون ڇپيل آهن اُهي سڀ هن جون نئي لکيل آهن سنڌي اڪادمي جي چيئرمين ٿيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي تي ماتا سرسوتي جي خاص ڪرپا ٿي آهي ڪوين جي سمپرڪ ۾ اچي هو پڻ ڪوي ٿي ويو آهي سنڌس ڪوي بڻجڻ تي ڪيس لکہ لکہ واڌايون .

هن پستڪ جو نالو سنديش رکي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي صحي ڪم ڪيو آهي سنڌس هر هڪ ڪويتا ۾ ڪو نہ ڪو سنديش آهي ۽ انهن ڪويتائن ۾ ڀارتيہ درشن جي جهلڪ ملي ٿي . راجستان سنڌي اڪادمي طرفان ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي ڪويتائن جو سنگرهہ ڇپارائي هڪ نهائت ئي سٺو ڪم ڪيو آهي .

سنہ ١٩٧٧ ۾ جئپور ۾ ڪوٺايل اٺين اکل ڀارتيہ سنڌي سميلن جي موقع تي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي اپيل تي اُن وقت جي سکيا منتري جي ناتي مون اُن سميلن جو مهورت ڪندي سنڌي ڀاشا ساهتيہ ۽ سنسڪرتي جي رکيا واڌاري ۽ وڪاس لاءِ ڀارت ۾ سڀ کان پهرئين سنڌي اڪادمي جي راجستان ۾ استاپنا جي گهوشڻا ڪئي هئي . ڀا - ج - پا جي اها سنڌي سماج کي تڇ ڀيٽ آهي .

اڄ هن شڀ موقع تي راجستان سنڌي اڪادمي



عجب - واڌايون

۽

شڀ ڪامنا !!

مون جڏهين ٻڌو تہ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي چيئرمين راجستان سنڌي اڪادمي ڪوي بڻيو آهي ۽ هن جي ڪويتائن جو هڪ نئيو سنگرهہ راجستان سنڌي اڪادمي ڇپارائي رهي آهي تڏهن مونکي وڏو عجب لڳو.

آءُ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جو پراڻو ساٿي ڪم ڪندڙ آهيان ۽ کيس گذريل چاليهہ سالن کان سڃاڻان. هن کي تقرير ڪندي تہ مون ڏٺو آهي ۽ کيس ٻڌو بہ آهي ليڪن کيس ڪويتا ڪندي يا لکندي ڪونہ ڏٺو اٿم.

ان سچائي سان گڏ اها بہ هڪ سچائي آهي تہ

مهاڳ

ساهتيه لکڻ وقت ليکڪ رچناڪار کي اُديش پورڻ ساهتيه تيار ڪرڻ کپي جيڪو ستيم شوم ۽ سندرم هجي. ڪلياڻڪاري هجي پاٺڪ ۽ ٻڌندڙ جو ڀلو ڪندڙ هجي.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي پراڻي پيڙهي جو ليکڪ ۽ رچناڪار آهي. مون هن جا لکيل ڪتاب پڙهيا آهن ۽ اُنهن کي مقصد ڀريو ڀاتو آهي.

ڪجهه عرصي کان ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي ڪويتائون به لکڻ شروع ڪيون آهن. هن ڪتاب ۾ سندس لکيل جيڪي ڪويتائون ڇپيون آهن اُهي سڀ مون ٻڌيون آهن. ڪويتائون سڀ سٺيون آهن ڀاونا سان ڀريل آهن، ڀاشا پڻ سٺي ڪم آندل آهي. هر ڪويتا ۾ سٺي سکيا ڏنل آهي ڪو نه ڪو سنديش ڀريل آهي.

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جون ڪويتائون داستان جي روپ ۾ سنديش ڏيندڙ آهن. ڪجهه ڪويتائن ۾ "وارتا" جي نئي وڌا کي هن اپنايو آهي. وڏيون هوندي به سندس ڪويتائون نيرس نه آهن. سنڌي

جي ڏينهون ڏينهن ترقي ڪرڻ جي شڀ ڪامنا ڪريان ٿو. اُميد ٿو ڪريان تہ راجستان سنڌي اڪادمي الڳہ الڳہ ڪاريہ ڪرمن رستي راجستان جي الڳہ الڳہ ٻولين جي ساهتيہ ڪارن کي هڪ هنڌ ڪري ويجهو آڻڻ جي ڪم ۾ ڪامياب ويندي.

ڌنيواد

جئپور

١-١٠-٩٣

ممتا ڪشور چترويدي

اڳيون سکيا، سواسٿيہ ۽ لوڪ نرماڻ

منتري راجستان.

ايوڌيا واپسي ڪويتا ۾ رام لڪشمڻ جي وارتا رستي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جنهن جنم ڀومي کي سرڳ کان به مهان ٻڌايو آهي گڏو گڏ سنڌ کي به ياد ڪيو اٿس. وشواس ڏيکاريو اٿس ته هڪ ڏينهن ڀارت اکنڊ ٿيندو سنڌين جو بنواس پورو ٿيندو ۽ سڀ سنڌي سنڌ ڏانهن واپس ورندا.

سنڌ سمرتي ڏيهن ڪويتا جي ذريعي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي سنڌي هندن کي سنڌ جي ياد ڏياري ٿو سنڌ ۾ هندن مٿان ٿيل اتياچارن جي ياد تازي ڪري ٿو ۽ سنڌي هندن کي چوي ٿو ته سنڌ جي ياد سيني سان سانڍي رکو.

نه ڪوي نه شاعر ڪويتا ۾ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي ڪجهه ڪوين جي بگڙيل منورتي جو ورڻن ڪيو آهي، انهن ڪوين تي طنز ڪئي آهي جيڪي پنهن جو اُپ نام به سوچي سمجهي نٿا رکي سگهن. ناري جي انگن کان سواءِ ڪويتا لکڻ لاءِ ٻيو ڪو به وشيه کين نٿو ملي.

ان ريت پورو ڪتاب پڙهڻ سان توهين انهن ڪويتائن ۽ انهن کي لکندڙ جي باري ۾ پنهنجي راءِ ٺاهي سگهندا.

مونکي اُميد آهي ته جي ڪڏهين ڊاڪٽر

ڀاشا بابت سندس لکيل ڪويتا وڏي ۾ وڏي آهي
ان ۾ ڊاڪٽر ايسراڻي سنڌي سماج جو ڀاشا بابت تمام
سٺي طريقي سان موجوده حالت جو بيان ڪيو آهي.

ايڪويهين صدي هندو صدي ٿيندي. ڪويتا
۾ هن هندن جي بهو ديوواد ۽ بي شمار ڌرم گرنٿن جي
رچنا ۽ ڪارائتي هئڻ بابت تمام سٺي طريقي سان
ورڻن ڪيو آهي. هندن جي سريشٽ گڻن جو ورڻن ۽
۽ هندن ۾ قوت جو ڪارڻن جو ورڻن ڊاڪٽر ايسراڻي
تمام قابليت سان ڪيو آهي.

سڄاڻ اي سنڌي پاڻ سڄاڻ ڪويتا پڙهڻ سان
ائين ٿو لڳي ته ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي نه فقط صرف
سنڌين کي بلڪ ڀارت جي سڀني هندن کي سندن
اصلي روپ ڏيکاري رهيو آهي.

پرواني جي پيار تي بيشمار ڪوين لکيو آهي
ليڪن ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جو ان سلسلي ۾ لکڻ
جو پنهن جو نرالو طريقو آهي. پرواني ۽ مڇر جي
وارتا جي ذريعي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي سندر سکيا
ڏيئي رهيو آهي.

سج لهڻ وقت ڪويتا ۾ هن ڀارتيه درشن جو
نچوڙ ڏنو آهي. ان ڪويتا ۾ ديش ڀڳتي جي ڀاونا
ڪوٽ ڪوٽ ڪري ڀريل آهي.

ٻنهن جي ڳالهه

من جي آنند لاءِ

ٿي آهي مون مٿان -
ماتا سرسوتي جي ڪرپا
جيون جي ٻن پوئين پهر ۾
ٻڌايو ويو آهيان آءُ چيئرمن
راجستان سنڌي اڪادمي جو -
ڪيا اٿم ڪجهه ڪم
جن کي لوڪ سمجهن ٿا سٺا ڪم
تعريف ٻڌي - وڌي پريرڻا
ڪيو سين اجمير ۾ هڪ سيمينار
"سنڌي ڪويتا ۾ ويدانت" وشيه تي
پڻ تيار ڪئي اٿم هڪ رٿا
ڀارت ۾ پهرئين سنڌي وشو ودياليه
سنڌ و سنسڪرتي وشو ودياليه
جي استاپنا جي -
تيرٿ گرو پشڪر راج جي
پنچ ڪنڊ نالي کيتر ۾
آرنڀ ٿيندو اُهو شڀ ڪاريه
ٿيندو ضرور ٿيندو
اُهو شڀ ڏينهن
اهو آهي مونکي وشواس

نانڪرام ايسراڻي پڙهڻ جي مشغول جيون مان ڪجهه وقت بچائي ان ريت ڪويتائون لکندو رهندو ته جلد ئي هو ڪوي سماج ۾ پڙهڻ جي مناسب جڳهه هٿ ڪري سگهندو .

مونکي اُميد آهي ته عقلمند پاٺڪ هي پستڪ پڙهي ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي جي پرتڀا جو مولهانڪن خود ڪري سگهندا .

ڪوٽا — ١ - ١٠ - ٩٣

ڊاڪٽر ديا ڪرشڻ وجئه

اڳيون چيئرمن ساهتيه اڪادمي راجستان

اُديپور

نه آهي چاهه مونکي
لوڪ سمجهن وڏو ڪوي
ڪن مڙهن جو آڌر ستڪار
۽ واهه واهه
نه ائم چاهه ته ملي پرسڪار
يا ڪوئي اوارڊ
يا ڇپجي نالو اخبارن ۾
يا ملي ٻهو ڪو وڏو پد

مڙهن جي ڪويتائن جي پرک
ڪڏهن به نه ڪجو
پريکيا جي ڪسوٽيءَ تي
ملنديون توهان کي
ان ۾ غلطيون انيڪ
ڪجو پرک، جي چاهيو ته
من جي ڪسوٽي تي
ڪويتا ۾ آيل ڪو ذڪر
جي ڪڏهين ڇهي سگهيو
توهان جي من جي گهراين کي
تڏهين سمجهندس
پاڻ کي ڌنيه ۽ مڃيندس
ته محنت ٿي آهي سڦل

اها سڀ ماتا سرسوتيءَ جي اسيم ڪرپا ئي ته آهي جو هن پڻهن جي ننڍي بالڪ داس نانڪ کي مڪت ڇند ۾ ڪجهه تڪبنديءَ ڪرڻ جو گيان ڏنو. ڪجهه ڪويتائون لکي ورتم. راجستان سنڌي اڪادمي جي جنرل ڪائونسل جي ميمبرن کي جڏهن مون ٻڌايو تڏهين کين عجب ته ضرور لڳو ليڪن ڪويتائون کين پسند به پيون. اُنهيءَ صلاح ڏنائون ته اڏيکهس مهوديه جي انهن ڪويتائن ۾ سماج ڏانهن سنديش آهي ان ڪري اهي ڪويتائون هڪ ڪتاب جي روپ ۾ هندي توڙي سنڌي ڀاشائن ۾ الڳ الڳ ضرور ڇپارايون وڃن. سيڪريٽري صاحب کي ميمبرن طرفان ان سلسلي ۾ خط به لکيا ويا. ان سبب هي پستڪ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

ان پستڪ جي سلسلي ۾ ڪويتائن لکڻ جي اُديش تي مون مڪت ڇند ۾ ٿوريون پڌڪنيون پيون به لکيون آهن.

نه آهيان مان ڪوي
نه آهيان مان گائڪ
ڪريان ٿو ڪجهه تڪبنديءَ
لکان ٿو مڪت ڇند ۾

—•०•—

تہ مونکي پڙهن جو آشيرواد ڏيندا ۽ ڪويتائن ۾ جي ڪڏهين ڪي غلطيون هجن تہ ان لاءِ مونکي اگياني الپ ٻڌي، ننڍڙو ٻالڪ سمجهي معاف ڪندا .

ڪويتا ڪتابي روپ ۾ پاٺڪ پڙهڻ ۽ ڪوي جي مک مان ٻڌڻ ۾ وڏو فرق آهي . موقع ملڻ تي آءٌ پاٺڪ ڪويتا پاٺ ڪري ٻڌائيندس ان ۾ لڄ نہ ڪندس .

منهن جي سنڌي ڀاشا ڀارت جي سنڌي ڀاشا آهي اها سنڌي ڀاشا آهي جا سنسڪرت ڀاشا جي پتري آهي ۽ هندي جي ننڍي ڀيڻ آهي انڪري ان ۾ سپاويڪ سنسڪرت ۽ هندي جا اکر وڌيڪ ايندا ڇاڪاڻ تہ اسين سنڌي اها بہ دعوا ڪندا آهيون تہ سنڌي ڀاشا ۾ ۸۰ سيڪڙو سنسڪرت جا اکر آهن.

ڌنيواد

اجمير ۱۰ - ۱۰ - ۱۹۹۳

ڊاڪٽر ناڪرام ايسراڻي

چيئرمن راجستان سنڌي اڪادمي

ٻي حالت ۾ اهو ٻہ اڻو سچ
جيئن پنهنجي من جي آنند لاءِ
سوانتهہ سکايہ
ڪُئي هُئي سنت تلسيداس
رچنا رام چرت مانس جي
مون تہ فقط
ڪجهہ پنڪتيون ئي آهن لکيون
متان سمجهو ڪٿي انهن
ذايع ٿيندو سمو.
انهن جي پڙهڻ سان
پر ملندي اوهان کي
اهي ڪويتائون پڙهڻ سان
هڪ نئي روشني
ڪانہ ڪا نئي سيک .

انهن ڪويتائن جي ڪتاب ڇپرائڻ پٺيان مهنجو مقصد ڌن ڪمائڻ جو نہ آهي نہ وري مونکي انهن پٺيان پنهنجو نالو ڪمائڻ جو آهي . مهنجي ڀاونائن کي پاٺڪن تائين لئہ ٻئي طريقي سان پهچائڻ ئي مهنجو مقصد آهي ان سان گڏو گڏ مهنجي من کي هڪ اپار آنند پڻ حاصل ٿيندو جڏهن جو ڪاڻو ئي ڪولهي جيڪڏهن توهين ڪويتائون پڙهندا ڀاوَ پاٺ ڪي پرسن سمجهندا هجو ؟ مونکي ڪو انعام ڏيڻ چاهيو

☸ مکت چنڊ ☸

سڄاڻ ! اي سنڌي !!
تون ٻـاڻ سڄاڻ !!!

رچيندڙ ـ ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

چيئرمين راجستان سنڌي اڪاڊمي ، اجمير

نوٽ :ـ راجستان سنڌي اڪاڊمي طرفان اجمير ۾ ڪوناپل سنڌي ڪويتا ۾ ويدانت وشئه تي سيميـنار جي موقع تي ١٠ جولاء ٩٣ تي اکل ڀارتيه سنڌي ڪوي سميلن ۾ ڪوٺايو ويو هيو .

مونکي ائين لڳو تہ اسان جي ودوان ڪوين مان شايد ئي ڪو ڪوي وشئه انڪول ڪا ڪويتا لکي اچي ان سبب مون ڀاڻ ئي قلم هلايو ۽ سيمينار جي وشئه مطابق ئي مکت چنڊ جي سهاري مون هيٺئين ڪويتا لکي ۽ ڪوي سميلن ۾ پڙهي . آءٌ آهيان نہ ڪوي آهيان نہ گائڪ پر ٻولي آهيان ٻڌهن جي سنڌي جاتي جو هڪ ننڍڙو سيوڪ .

ان سبب ئي سگهي ٿو ڪويتا ۾ انيڪ غلطيون هجن جي شايد ڪويتا جي پارکن کي سٺيون نہ لڳن

ڇپائيندڙ طرفان

راجستان سنڌي اڪادمي جي چيئرمين ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي پنهنجي ايامڪاري جي عرصي ۾ لکڻ جو ڪم بند نه رکيو آهي. مضمون نويسي سان گڏ هن ڪويتائون ۽ ڪهاڻيون به لکيون آهن. جنرل ڪائونسل جي ميٽنگ ۾ هن سڀني ميمبرن کي پنهنجون ڪويتائون سنڌي توڙي هندي ۾ چئي ٻڌايون جي اڪادمي جي ميمبرن کي ڪافي وڻيون آهن. ميمبرن پنهنجي اڇا ظاهر ڪئي ۽ لکي به موڪليو آهي ته اهي ڪويتائون سنڌي توڙي هندي ڀاشائن ۾ ضرور ڇپارايون وڃن. سندن اڇا مطابق هي ڪتاب توهان جي هٿن ۾ آهي.

دادا ايسراڻي جي هر ڪويتا ۾ ڪو نه ڪو نئون سنديش آهي پارٿه درشن جي هڪ جهلڪ آهي. اُميد ٿو ڪريان ته پاٺڪن کي هي ڪويتائون ڪارائتيون لڳنديون.

جئپور - ١٠ - آڪٽوبر ١٩٩٣

ڏيمن ٻيلاڻي

سيڪريٽري

راجستان سنڌي اڪادمي

پيارو سنڌو ديش
جو بڻيو اڳتي هلي -
سپت سنڌو ديش
هيون جنهن جون سيمائون وشال
جنهن مان بڻيو هي هندو ديش
هندوستان !! ڀارت !!! انڊيا
هي منهن جا پيارا سنڌي
آهين تون ئي اُن ! پهرين مانو
مهرشي منو جو ونشج !!
نئين نرماڻ ڪيل سرشٽي جو
پهريون مانو !
ڪئين اُتپن توئي !! اي سنڌي
پوري مانو جاتي - ان سبب
تون ئي آهين -
پوري مانو جاتي جو سرجڪ
سڃاڻ ! اي سنڌي !!
تون پاڻ سڃاڻ !!!

(٢)

پراچين سريشٽ پرش

سنسار ۾ هيا جڏهين
ٻيا سڀ اسڀيه جهنگلي !!
ُڻ سڌريل ۽ اڻ ڄاڻ !!! اگياني

پر جي ڪڏهين اهي پارکو منهن جي من ۾ پريل پاونا جي ساگر ۾ ٽٻي لڳائيندا ته ڪهن هيءَ ڪويتا سنڌ— آڌارت پاوناڻن تي پريل هُئڻ سبب پسند پوندي ان هوندي به ڪيل غلطين سبب آءٌ سڀني کان ڪميا ٿو گهران

ڊاڪٽر ٺاڪرام ايسراڻي

اُتپتي

برهم جي پرڪٽي ولاس سان
منو جڏهن ساري سرشٽي ۾ هاهاڪار
آئي پرلئه - ٿيو جل مگن
سارو سنسار !
ٿي تباهه ۽ برباد ساري سرشٽي
بچيو هيو تڏهين
صرف هڪ مانو - منو
مڇي جي پٺي تي
ٿيو سرجن وري سرشٽي جو
اُن اڪيلي مهرشي منو منجهان
منوءَ جي سنتان ڪوٺايو - مانو
پرلئه جي ترنگن مان
جل مان جو پيو پاڇو -
پرٿوي جو روپ وٺي
پڌريائين ٻاهر آيو - اي سنڌي
اُهو هيو - تنهن جو - پنهن جو

هن ٺي ڀارت ڀونءِ مان
پئدا ٿيل سڌريل انسان!
سڀاڳ! اي سنڌي!!
تون ڀاڳ سڀاڳ!!!

(٣)

مهان ڪاريه

اي سنڌي! تون
آهين اُنهن مان
جن رچيا ويد ۽ لکيا اُپنشد
وياڪرڻ ۽ مهمانسائون
ڦهلايائون ساري سنسار ۾
گيان جو پرڪاش!!!
ان سڀ - اي سنڌي
آهي پريل - تنهن جي نس نس ۾
ويدانت جو گيان! برهم گيان!!
ايشور آهي هڪ!
نه آهي ٻيو ڪوئي جو
سڀ جو مالڪ آهي هو هڪ
سڀ جو خالق آهي هو هڪ
ڪر پيار سڀ سان تون
نه ڪر نفرت ڪنهن بشر سان
ڪر جيو ديا پراڻي ماتر تي

وهي ڏي اُن وقت
گيان گنگا ! سنڌو ديش منجهان
اي سنڌي توئي چمڪايو !!
سڀيتا جو سورج سنسار مٿان !!!
ساکي آهه اڄ به
ڀل ڇو نه هجي ڪنڊهر
موئن جو دڙو
پر ! هي مهن جا پيارا
سنڌي سائين رکج ياد سدائين
پراچين سنڌو سنسڪرتي -
آريه سنسڪرتي - ويدڪ سنسڪرتي
ڀارتيه سنسڪرتي توڙي هندو سنسڪرتي
سڀ آهن هڪ ۽ نه ٻه الڳه الڳه
اي سنڌي تون آهين
پراچين سريشٽ پرش
آرين جو اصلي سنڌو سنتان
پر هي مهن جا ڀائو !
هي مهن جي ڀيٽ !!
هي مهن جا جوان !!!
آهن نه هرگز آريه پرايا
نه ڌاريا ۽ نه هو ٻاهران آيا
آهن هو به منوءَ جو سنتان

آهن هڪ سڪي جا ٻه پاسا
سندو سنسڪرتي ۽ ويدانت
آهن ٻئي ڄڻ ڄاول ملڻ !
ڪڏهن مٽيل !!
سڃاڻ اي سنڌي
تون پاڻ سڃاڻ

(٥)

ويدانتي سروپ

ٻڌاءِ ! ٻڌاءِ اي سنڌي
جڳت کي ٻڌاءِ
ايشور آهي هڪ
جو وسي ٿو سڀ ۾
مٽيءَ ۾ ! پٿر ۾ !! پکيءَ ۾ !!!
ڪيڙن - مڪوڙن ۽ پتنگن ۾
آهي ان جي جوتي سڀ ۾
جڳت آهي مٿيا ۽ برهم ستيه
ڀوءِ اٿون ڇو اسين پاڻ ۾ !
ڪانئون ڇو هڪ ٻئي جا ڪلا !!
وڌايون ڇو ڪين اسين
وشو ڀراتري ڀاءُ ! ڦهلايون
وسديو ڪٽمبڪم جي ڀاونا !!
جهڙو اور جهڙي ڏو
جو ڪريون اسين جنهن گهوش

اهڙين انيڪ سکيائـن سان
اي پيارا سنڌي سائين
پريل آهہ تنهن جو گيان جو ڀنڊار
سڀاڻ ! سنڌي اي !!
تون ڀاڳ سڀاڳ

(۴)

هڪ ڏسي سنسڪرتي

هي منهن جا سنڌي سائين
شل جيئين سدائين
ڪري وڌ ترقي پل چڙهي طرف
پرلي۽ سڄاڳ - ڪر ڪمال
ڏيکار جڳت کي ڀنهن جو جلوو
ويدانتي سروپ!
ڪول ڪول ڪول گيان چڪشو ڪول
ڪر پرڪاش پو منڊل مثان
گيان جي سورج سندو -
پر ڀيلي ياد رکہ!
پلجي نہ وڃ - پڻپلجي نہ وڃ
ڏارين جي غلط پرچار تي
نہ آهہ سنڌو سنسڪرتي الڳہ
نہ وري آدين اُن کي ڪو تهس نهس
سنڌو سنسڪرتي ۽ آريہ سنسڪرتي

جڳہ کي سمجھاءِ - پنھنجن جي
صدين سڀاڻپ جڳہ کي ڏيکار
ڪر سنڌي جاتي جو
ناءُ روشن
هي منھن جا ڀائو !
هي منھن جي ڀيڻ !!
هي منھن جا سنڌي جوان
سڀاڻ تون ڀاڻ سڀاڻ -

سنڌڙي منھن جي مات
پل پل ساريان - ھنجون ھاريان
لڙو لڙو لڙوي تنھن جي لات
بي وائي رهي نہ وات
سنڌڙي منھن جي مات

- نانڪ -

سمجهايون جڳت کي !
ڪرم جي پرڌانتا !!
جنهن کي جتن وٽي
ڀل پرڀو کي ڏيائي -
ڪري هري سمرڻ يا رکي روزا
ڀل پڙهي نماز يا وڃي ديول ۾
ڪري پرڀو پير عيسا مسيح سان پيار
پر ! رکي نه ڪنهن سان وير
ڪري نه ڪنهن کان نفرت
هلي سڀ سان پيار جي هلت !!
ڪري اُپڪار ۽ سڀ جي سيوا
اي پيارا سنڌي ! مثال رک !!
تون پنهنجو سڀ اڳيان !!!
تون هند آهين هند ۾
شرڻارٿي بڻجي -
ڌڪار نه جهلو ! ڪجهه پرشرم !!
بڻجو پرشارٿي - هينئر
پرڀو ڪرپا سان آهين بڻيو
پرشارٿي ! پر اي پيارا
اهو سڀ اٿئي اڃان نه ڪافي
آهن سڀ سنڌي - ويدانتي
اها سچائي پاڪ سمجهه -

سنڌ کي اسلامي رنگ ۾
ايترو تہ ھندڪر رنگي ڇڏيو
جو انساني لهو لهان سان
سائو رنگ بدلجي ٿي پيو لال
اسان هندن لاء سنڌ ۾ !
جهنم ٿي پيو جنجال
جنسي ٻوٽ لڳي هئي ٻاهر !!
سنڌ ۾ اسان جو ڌرم
اسان جي سمپتي - اسان جي سڀيتا
اسان جي سنسڪرتي -
اسان جي ماتائن - ڌيئرن - ڀينرن
جي عزت پٽجي ويئي خطري ۾
هو سڀ ڪجھ خطري ۾
مجبورن - پنهن جو ڌرم
پنهن جي سڀيتا ۽ سنسڪرتي کي
برباد ٿيڻ کان بچائڻ لاء
ماتري شڪتي جي لڄ مريادا
بچائڻ لاء ڇڏي سڀ اجها اباڻا
لٽائي - وڃائي سڀ مال ملڪيت -
ڪري وطن کي الوداع -
ڇهوري سنڌ کي - ڀارت جي آزادي مٿان
هليا آياسون هند ۾ -

مکت چند —

سنڌ سمرتي ڏينهن

رچيندڙ :- ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي اجمير

هڪ ڏينهن پر واس ڪندي
پهتس اچي پالنپور
اچي ويٺس
مکي پمنداس جي پاسي ۾
پڇيو مانس؟ اڄ ڪهڙي تاريخ آهي؟
چيائين ۱۴ آگسٽ
پر دادا او هين اڄ ائين ڇو ٿا پڇو؟
عجب مان نهاري پڇيائين؟
چيو مانس ڀائي مکي صاحب
اڄ آهي سنڌ سمرتي ڏينهن
ڇا وسري ويو اٿيئي؟
اڄوڪي ڏينهن -
دشمن سياسي منصوبو رٿي -
سنڌ کي ڪٽي
ڪيو هيو ڀارت کان الڳ
ڀارت جي ورهاڱي ۾
ويدن جي ڀومي - سڀيتا جي جنمي

هاڻي ڪي سنڌو ماتا جي
ياد ڏيارڻ لاءِ
سڄي ڀارت ۾ آهي ملهائيندي
سنڌي سماج - سنڌ سمرتي ڏينهن
هي مهن جا مکي صاحب
اُٿ سيکهہ ڪر - ڪي سرڪيولر
جلد گهراءِ ڀائرن جي ٻڌڪ
سنڌ سمرتي ڏينهن ملهائڻ لاءِ
جتي آءُ ڪندس خلاصو
ڪهڙو آهي اسان جو - سنڌ سان ناتو
ڇو ڪريون اسين سنڌ کي ياد ؟
جيءَ ڀارت - جيءَ سنڌ

ننگ ناموس جي رکيا لاءِ
پڇو ماڻس - مکي صاحب
ڇا ايترو جلد ڀلجي وئين
پنهنجي جنمي جنم ڀومي
سرڳ کان به مهان سنڌ کي ؟

(٢)

هي منهن جا پيارا - سنڌي سائين
ڪئي اٿيئي لعل سائين مهر
ڪمايا اٿيئي چار ڏوڪڙ
ٺاهيا اٿيئي محل ماڙيون
کوليا اٿيئي ڪل ڪارخانا -
خوب اٿيئي موٽر گاڏيون
نوڪر چاڪر -
ڇا ويو آهين ان مستي ۾ ڀلجي -
جيجل سنڌڙيءَ کي ؟
جي سنڌ کي ڀلجندين
ته ڪندين وڏو عظيم گناهه
ڪو نبين - ماءُ جو نالائق پٽ
ماءُ کي ڀلجندڙ پٽ مٿان
پوندي آهه سنسار جي - ڦٽ لعنت
ان ڪري اٿڻ - تو جهڙن

ممڪن آهه آهو هجي
هن جي نيت ۾ ڦير؟
راڄگدي تان هٽڻ ڪان
ڪري انڪار؟ پوءِ
ٿي پوندي پاڻ ۾ لڙائي
ان سڀ هي مدهن جا سوامي
رام! ڇڏيو پڇر ايو ڏيا هلڻ جي

—•○•—

(٢)

ٻڌي اکيو پراڻا جا
اهي شڪا پريل اول
دکه وچان چئي ڏنو- سري رام!
هي لڪشمڻ- مدهن جا پيارا پاءُ!!
ڀليل آهن- ڀليل آهين
ڀرت نه آهه- اهڙو
جهڙو تون ٿو ڀائين
آهه نه موهه ڀرت کي راڄ جو
ڪندو نه هو هرگز مون سان
تخت لاءِ لڙائي-
هي لڪشمڻ- ڀرت جهڙو پاءُ

مکت چند

ايوڌيا واپسي

رچيندڙ:- ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي اجمير

چيو جڏهين هڪ ڏينهن
لڪشمڻ - پريو شري رام کي
لنڪا وڃڻ کان پوءِ
ايوڌيا واپس ورڻ کان اڳ !
هي منهن جا سوامي - هي ڪرپانڌان
ڇا ڪنداسين هينئر -
ايوڌيا واپس هلي - راڄ ؟
راڄ ته ديانڌان هت به آهي
لنڪا آهي سڄي سوني جي -
ڪمي نه آهه هت ٻئي ڪنهن
مال خزاني جي
۽ هت ؟
ايوڌيا ۾ رکيو ڇا آهي ؟
هڪ غريب ملڪ - ڏکي پرجا
پرت هلائي آهه حڪومت ۱۴ سال
چکيو آهه سٺا جو سواد

ورنداسين واپس وطن ڏي -
رام لڪشمڻ جي هيءَ وارتا
آهہ سنڌين لاءِ اهميت ڀري
سنڌي ٻہ آهيون رام جيان
هت ڀارت جي بيمعياد بنواس ۾
ڀل هت ٿي وڃون چو نہ سڄا سونا
وسرندي نہ ياد سنڌ جي اسان کان
اُهو شڀ ڏينهن ايندو ضرور
ٿيندو سنڌين جو ڀارت بنواس پورو
ورندا نيٺ سڀ سنڌي سنڌ ڏانهن
واپس وطن ڏانهن

ڪٿي ڳولهيو بہ نہ لڀي
ڪڏي ڇڏ ـ ڪڏي ڇڏ شڏڪا
پِرت بابت من منجهان
ڪر من جي ڀاونا پويتر ۽ شڌ
۽ ٻيو ٻڌ
ايو ڌيا اٿيئي منهن جي
جنهني جنم ڀومي ـ سرڳ کان بہ مهان
ڀل هجي ڪنگال ـ دريدر يا غريب
ڇو نہ اُتي پوندو هجي اڪال
تہ بہ آهہ ايو ڌيا
مونکي پراڻن کان بہ پياري
ڪندس ڪڏهين ڪينڪي
اُن جي خواري
موڙيندس ڪين منهن
واپس وطن ورڻ کان
اي ۽ لڪشمڻ ـ راوڻ جي لنڪا
سوني جي نگري
مونکي ڪڏهين ڪين ڀانئي
ان ڪري هلنداسين ايو ڌيا

ڪئي ڪرپا - ڀڳوان ڀاسڪر
ڇهائين - هي نانڪ ڇو ٿو ٿئين تون اُداس
نه ته آءٌ ڪٿي ٿو وڃان
نه ٿوريو آهه ڀارت سان ناتو -
پر پيارا مان ڪريان ته ڇا ڪريان
جڪڙيل آهيان قدرت جي قاعدن ۾
آءٌ نه ٿو گهمان - آءٌ آهيان اِسٿر
محڪم بيٺل هڪ جاءِ تي -
گهمي رهي آهه تنهن جي پرٿوي
منهن جي چئني طرف
ٿيندو آهه پرٿوي جو
اُهو ڀاڱو پرڪاشت
ايندو آهه جو منهن جي سمک
جيڪو ٿيندو مون کان وِمک
بدل رهندو اُهو انڌڪار ۾
ان ڪارڻ - هي منهن جا پيارا
ڪٿي اٿئي ڌوپ
ته ڪٿي اٿئي ڇانو -
ڪٿي اٿئي ڏينهن
ته ڪٿي اٿئي رات
پر اٿئي ٿوري ڪجهه گهڙين جي بات
پوري ٿيندي - جڏهين هيءَ رات

مکت ڇند

سج جڏھن لھڻ لڳو

رچيندڙ :- ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي اجمير

ٿيڻ لڳي جڏھين نماشام
ڦھلجڻ لڳو جڏھين انڌير و
پيلو پئجي ويو - ھن جو رنگ
جڏھين سج لھڻ لڳو -

—•०•—

اڳيان وڌي - ڪيو تڏھين
مون پرڻام ان لھندڙ سج کي
جو ڙي ٻئي ھٿ ڪيم وينتي
پڇيو مون ! ھي مٺن جا ڀڳوان
ھي پرڪاش پنڃ -
ڇا ٿيو آھين رنج
جو وڃين ٿو ھتان
ڏيو - پوڄت پيارت ڀومي کان
مٺھن ڦيري - ناتو ٿو ٽوڙي ؟

—•०•—

مکت چند —

مان ڪير ؟

رچيندڙ :- ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي اجمير

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيه، سنڌي جي پڙهائي لکائي جي دردشا ڏسي مهنجو من روئي ٿو. آندر ۾ جيڪي اُدما اُٿيا آهن تن کي مون مکت چند ڪويتا جي روپ ۾ قلم بند ڪيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته، ڪويتا جي ڪسوٽي تي هيءَ ڪري نه به نڪري پر جي من جي ڪسوٽي تي اوهين پرکيندا ته اوهان جو من به مون وانگر روئڻ لڳندو ۽ اوهين به مون وانگيان جوڳي ٻڻجي اُلکه جڳائيندا آهن.

آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان ڳائڪ
پر آهيان پڙهن جي
سنڌي ٻولي جو شائق

ڇا ٿو ڪريان ؟

(١)

ڊواري ڊواري
نگر نگر ۽ ڊگر ڊگر

ٽيندي ٽڏهين وري پرڀات
آءٌ ايندس وري ايندس ضرور ايندس
انڌياري جو ڪندس ناس
ڦهلائيندس چئني طرف پرڪاش

—⁂—

وري ڇهو سورج ڀڳوان !
ڏٺو ـ تنهن ڀارت ڀومي سان
وڇوڙي جو ڏک آهہ مونکي پڻ
ان ڪارڻ تہ منهن جو رنگ
ٿئي ٿو زرد ـ
پر ڀلي
سهڻو پوندو اهو ڏک
وڇوڙي جو ـ جيئن
وٺين ٿو آنند ملڻ جو ـ
رک برابر سک ڏک ۾
سم پڻهن جا ڀاءُ
پوءِ نہ روڪيندين
تون ڪڏهين
منهن جي لهڻ جي راهہ ـ

(٢)

منهن جي پيڙا

ڪيئن وساريان اُها ٻولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي
پر هاءِ وڌاتا
هي ڇا ٿيڙو ؟
منهن جي سنڌي ماتا
نه ٿي ڏئي سنڌي ۾
ٻار کي لولي
ڪانڊس ڪسيءَ ٿي
ماءُ جي ٻولي
ڏسي هي ڏکه ڀريو نظارو
آءٌ ٿو روئان دڙان
۽ چلايان
نه وڃايو ٻولي
وڏڙن جو ورثو
وساريو نه ٻولي
ماءُ جي ٻولي
سهڪاريو ٻارن کي
پنهن جي ٻولي
ڳالهايو ٻارن سان

اِهوئي اَلک جڳايان ٿو
اِهائي صدا لڳايان ٿو
او مڻهن جا ڀائو

هي مڻهن جي ڀيڻ
هي مڻهن جا جوان
هي مڻهن جا ٻالڪ
ٻهلي
ڪين و ساريو پڻهن جي ٻولي

مٺڙي ٻولي - پياري ٻولي
سنڌي ٻولي
جنهن ۾ ماءُ ڏني مونکي لولي
ڪين و ساريو سنتن جي ٻولي
لکو - پڙهو - پاڙهيو ۽ ڪم آڻيو
پڻهن جي ٻولي سنڌي ٻولي
اِهو ئي ناد وڄايان ٿو
ٻڌا آلاپ ٻڌا اِڪتاري
وڄان ٿو آءُ دواري دواري
آهيان نہ ڪوي
نہ آهيان مان ڳائڪ
پر آهيان پڻهن جي
مٺڙي سنڌي ٻولي جو شائق

سکنداسين هٿان جي ٻولي
ڇو وڌايون ٻوجهه ٻارن تي
سيکاري ڪين سنڌي ٻولي
ٻڌي اهڙا اُبتا ٻول
من ڏنو روئي ۽ ڇيم
اڙي بابا ڀلڀل آهين
ٻوجهه نه آهي پنهن جي ٻولي
ورثو آهه وڏن جو
پنهن جي ٻولي
ڇو وساريون پنهن جي ٻولي
ڀل مائر ڏين سنڌيءَ ۾ لولي
او منهن جا بابا
تور نه تارازي ۾
پنهن جي ٻولي
سک ۽ سيکار ٻارن کي
پنهن جي پياري سنڌي ٻولي
ٻڌا آلاپ ٻڌا اِڪتاري
دور وڃان ٿو دواري داري
اُهو ئي اَلک جاڳايان ٿو
آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان ڳائڪ

پڙهن جي ٻولي
پڙهو- پاڙهيو ڪتب آڻيو
پڙهن جي ماءُ جي ٻولي
اُن لاءِ آهُ وتان ٿو
در در اُلڪ جڳائيندو
اهي ئي گيت ڳائيندو
اي منڙا سنڌي سائين
او شل جمين سدائين
پر وسارج نه هرگز
پڙهن جي ٻولي- ماءُ جي ٻولي
سنڌي ٻولي
آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان گائڪ
پر آهيان پڙهن جي
سنڌي ٻولي جو شائق

(٣)

اڄ جي حالت سنڌي پتا

ڏسو ڏسو هي سنڌي بابو
چوي پهو- چو اڄي مٿو ڦريو اٿو
ڪهڙي ڪم جي سنڌي ٻولي
رهندا سون هيئر هتي

ٻارن جو ڪلاس ٿيندو جلد
ماتري ڀاشا سنڌي رستي
ٿيندو ٻار هوشيار
لکائي ۽ پڙهائي ۾ سنڌي رستي
ٻارن جي مٺي مائٽي
ٿيندو سنڌيءَ جي رستي
سنڌي سڌيئُن
سنڌي جي رستي
ان ڪري هي مڻهن جي
ڀلهل آمڙ !
ڪجھ سوچ - ڪجھ سمجھ
نہ پاڻ وسار پنهنجي ٻولي
ٻارن کي سيکار - ٻارن سان ڳالهاءِ
سنڌي ٻولي - مٺڙي ٻولي
پياري ٻولي - وڏڙن جي ٻولي
اهو ئي آواز لڳايان ٿو
ٻارن جو فرياد سڻايان ٿو
اِهو ئي اَلک جڳايان ٿو
آهيان نہ ڪوي
نہ آهيان مان ڳائڪ
پر آهيان پنهنجي پياري
سنڌي ٻولي جو شائق

آهيان پنهن جي پياري
سنڌي ٻوليءَ جو شائق

(۴)

سنڌي ماتا

ڏسو ڏسو هيءَ سنڌي ماتا
ٻارن سان پنهنجي ڳت مت ڪري
پڇيو مانس هي منهنجي امڙ
ڇو توکي سنڌي نه ٿي اچي؟
ڇا تو سان ماءُ ظلم ڪيو
سنڌي نه سيکاري؟
ڏنو جواب منهن جي ماتا
دادا مان ته سنڌي جاڻان
ڇيو مون پوءِ مٺڙي امڙ
وٺل ٿي وهائين
نسورو ظلم ٿي ڪرين
هن ننڍڙي ابهم ٻار تي
هڻين ٿي ڪهاڙو
پنهن جي پيرن تي
ڪسين ٿي پنهن جي ٻار کان
ماءُ جي ٻولي - سنڌي ٻولي
پر ياد رک - آمان

ڪوئي لکي نہ ڄاڻي
ڪوئي پڙهي نہ ڄاڻي
ڪوئي ڳالهائي نہ ڄاڻي
ڪهڙي نہ ٿي آهہ
بري دشا منهن جي
جاتي جي جوانن جي
واهہ ڙي منهنجا
سنڌي جوان !
وڃايئہ پنهن جي
وڏن جو ورثو
شرم جي ڳالهہ تي
ڪرين ٿو فخر ؟
اڙي ڪجهہ لڄ ڪر
ڪجهہ شرم ڪر
اهو سنڌي ڪهڙو ؟
جيڪو سنڌي نہ ڄاڻي ؟
جنهن کي سنڌي نہ اچي ؟
دل ۾ ڌر چاهہ -
ڪر سنڪلپ
سکندس آءٌ ضرور سکندس
وڏن پنهن جو فرض وساريو

(٥)

جوان جي حالت

ڏسو! ڏسو!!
هي سنڌي جوان
آهي نہ ڪيترو نادان
چوي ٿو فخر سان
آءٌ ٻيو سڀ ڪجهہ ڄاڻان
پر پنهن جي سنڌي
ٻولي نہ ڄاڻان
مونکي سنڌي ڪين اچي
لکي نہ ڄاڻان پڙهي نہ ڄاڻان
ڳالهايان ڪونہ سنڌيءَ ۾
نہ اٿم چاهہ سنڌي سکڻ ۾
سياڻن مٿس ڪائي ترس
ڇهو - وڃي رهيو آهي هيءُ
ڪهڙو نہ آهي ويڳاڻو
ڄاڻڻ هوندي بہ
آهہ آڻ ڄاڻ
باقي سڀ ڪجهہ ڄاڻي
پر پنهن جي
سنڌي ٻولي ڪين ڄاڻي

(٦)

سنڌي سيٺ شاهوڪار

سنڌي هٽندا آهيون هام
آهيون اسين عقل ۾
ٻين کان سرس !
چائنجي ويا آهيون
سڄي دنيا تي
ڪمايو آهي خوب ناڻو
ڪيڏا نه آهن ڌنو
محل ماڙيون ڪل ڪارخانا
نوڪر چاڪر موٽر گاڏيون
هاڻ ! ڇا رکيو آ سنڌ ۾
ڇا ڪنداسين سنڌي ٻولي ؟
چئو مون کين
او ادا ! او مهن جا سيٺ
پهل آهين پهل آهين
ڪري وٺ پل ترقي چوطرف
پر جي وساريندين پنهن جي ٻولي
اينده سڀ ترقيون ڌوڙ مثل
ڇو نه تو سمجهين او ادا
ٻولي آهي زبان مثل

سنڌي نه سيکاري
کيو مونکي شرمسار
گهر ۾ - اسڪول ۾ - دڪان تي
موقعو ملندي سنڌي سکندس
سنڌي ڳالهائيندس
سنڌيءَ ۾ لکندس
سنڌي ٻولي کي مرڻ
مور نه ڏيندس
اِن ريت جوانن جي جيءَ ۾
پنهنجي ٻوليءَ لاءِ
پريم جاڳايان ٿو
ماتر ڀاشا سڪ لاءِ
چاهه جاڳايان ٿو
اهائي آس جاڳايان ٿو
گهر گهر دواري
اهوئي الک جاڳايان ٿو
آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان ڳائڪ
ٻيلي آهيان ضرور
پنهنجي سنڌي
ٻولي جو شائق

اُنهيءَ جٿاندا و رنو
پنهن جي ٻوليءَ پنهن جو ساهتيہ
پنهن جو اِتهاس پنهن جا گرنٿ
اِن ڪري هي منهن جا پانو
هي منهن جا منترا
نہ ڦيءَ نادان
نہ وڃاءِ وڏن جو ورثو
سنڀالي رک منڙي ٻولي
پياري ٻولي سنڌي ٻولي
جهجل جي ٻولي
اُهو ئي اُلڪہ جاڳايان ٿو
ٻڌا آلاپ ٻڌا اڪتاري
آءٌ وڃان ٿو دواري دواري
آهيان نہ ڪوي
نہ آهيان مان ڳائڪ
پر آهيان پنهن جي پياري
سنڌي ٻوليءَ جو شائق

(۷)

دل کي اُڏت

نانڪ ڦيءَ نہ نراس
ڪندءِ سائين سڀ ڪارج راس

ويندي ٻولي سنڌي جاتي
ٿيندي گونگن مثل
گم ٿي ويندءِ گورو مُهُ
پڙهن جو سڀ پراچين اتهاس
پڙهن جو سڀ ساهتيه ڀنڊار
پڙهن جي سنتن فقيرن ساڌن
جي مارگ، درشڪ واٽي
سامي ۽ شاهه ۽ سچل ساڌ و واسواڻي
جو ن رچنائون پڙهندو ڪير ؟
سمجهندو ڪير – سمجهائيندو ڪير ؟
پيارا ڀرين وڃايُم سنڌ
نه رهندين پوءِ سنڌي
وڃائين ٿو حق
سنڌي سڏائڻ جو
ڪرين ٿو ٻانور
جنهن ناٽي تي
اُهو اٿيئي بي بقا
ڪڏهن پري ۾
ڪڏهين ڀاڪر ۾
ڪڏهين ڪري لڪشمي
ماتا ٿا – ٿا –
اصلي ورثو – وڏن جو ورثو

آخر ڪير نه ٻڌندو .. ڪو نه سمجهندو
جوت مان جوت جلندي -
ٿيندي هڪ ڏينهن پر چنڊ مشعال
گونجندو سنڌي ٻولي جو ناد
چئني دشائن ۾ ٽنهي لوڪن ۾
آڪاش ۾ پاتال ۾ هن ڌرتي تي
هند ۾ توڙي سنڌ ۽ سنسار ۾
وڄندو هي اونچي آواز
تڏهن ڪندا سڀ سنڌي محسوس
سنڌي ٻولي بنا آهه جيئڻ جنجال
پوءِ تيز ٿينديون ڪوششون
سنڌي سکڻ لاءِ
هر ٻچو - هر ٻار - هر جوان
هر پرش هر نار - سڀ
سنڌي سکندا - سنڌي لکندا
سنڌي ڳالهائيندا ۽ ڪم آڻيندا
ٿينديون سڀني جون محنتون بر ثواب
بس اُن هڪ آس جي سهاري
آءُ جيئان ٿو آلڪ جڳايان ٿو
دواري دواري نگر نگر
۽ ڊگر ڊگر
بنا اڪتاري بنا آلاپ

وشواس رک - وشواس رک پيارا
سنڌي ٻولي آهه قائم دائم
ڪڏهين ڪين مرندي
اجر امر رهندي
ويدن جي واڻي - سنتن جي ٻاڻي
سنڌي ٻولي کي مارڻ وارا
پاڻ ويندا مري
سگهندا ڪين ماري سنڌي ٻولي
پر پنهن جي ڪرتوءِ پڇتائن
ڪڏهين نه تون پري هٽجاڻءِ
مان ڏئيندي - ايمان ڏئيندي
ڪو توکي سمجهي - ڪو نه سمجهي
يا ڀل ڪوئي توکي
ميرو منهو به چوي برائي ڪري
پر چنتا توکي ڪرڻي ناهي
هلڻو آهي هاڻي وانگر مست چال
تون هلندو هل تون هلندو هل
چڙهويتي چڙهويتي ڪري ياد منتر
دواري دواري نگر نگر
ڏگر ڏگر سهي سڀ ڪشٽ ڪشالا
پنهن جو الک جڳائيندو هل
سنڌي ٻولي جو ناد وڄائيندو هل

ڏينهن هجي يا رات
گرمي هجي يا برسات
ٿڌ هجي يا آنڌي يا طوفان
ريل هجي يا بس - رڪشا هجي يا آٽو
منهنجي هلڻ ۾ ڪونهي گهاٽو
نگر نگر ۽ ڊگر ڊگر ۾
ڏواري ڏواري سڀا محفل ۾
اهوئي الڪ جاڳايان ٿو
او منهنجا سنڌي ڀاءُ
او منهنجي سنڌي ڀيڻ
هي منهن جا سنڌي جوان
هي منهن جا ٻارڙا
ٻيلي
ڪين وساريو پنهنجي ٻولي
لکو پڙهو ۽ ڪم آڻيو
پنهنجي ٻولي - سنڌي ٻولي
ٻڌان آلاپ - ٻڌا اڪتاري
آءٌ وڃان ٿو ڏواري ڏواري
آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان گائڪ
پر آهيان پنهنجي
سنڌي ٻولي جو شائق

إها ئي صدا لڳايان ٿو
آهيان نه ڪوي
نه آهيان مان ڳائڪ
پر آهيان پڙهن جي
سنڌي ٻولي جو شائق

(٨)

هڪ سنڪلپ

سنڌي ٻولي امر آهي
صرف نعري لڳائڻ سان ڪم نه هلندو
عمل ڪپي عمل ڪپي اُن نعري تي
وشواس رک نڌيڙا ناڪ

ڪندا سڀ سنڌي پائر سنڪلپ
اسين سنڌي آهيون
سنڌي ٿي رهنداسين
سنڌ ۽ سنڌي کي نه وساريندا سين
سنڌ يس جي سڳنڌ جو
ڦهلاءُ چوڌاري ڪنداسين
رکنداسين سنڌي ٻولي قائم
ڪنداسين اُن جو واڌارو ۽ وڪاس
بس اُن هڪ سنڪلپ جي سهاري
آءٌ جيان ٿو هلندو هلان ٿو

لڪي نہ چاٽان آءٌ جسماني محبت تي
ڪري نہ سگھندس بيان ناري جي
نڪہ شڪہ جي سندرتا جو -
مون وٽ تہ آهن جگہ ديکي
گھڻائن ۽ آزمودن جا پندار
قلم ڪٽي تڪبندي ڪري
آءٌ ڪريان ٿو مڪت ڇند ۾
اُنهن جو اظهار
ڪريان ٿو آءٌ قبول - ان ڪارڻ
نہ آهيان مان شاعر
اڄ جي زماني جو -

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي
پوسٽ باڪس ٨٩ ،
ڪنونبسپرا ، اجمير

نہ ڪوي نہ شاعر

ويٺا هئاسين هڪ ڏينهن
يارن جي محفل ۾ - ڪنهن پڇيو
اڙي يار تون وري ڪهڙو ڪوي
ڪهڙو شاعر ؟
شاعرن مان ڪو آهي اُداسي ته ڪو پياسي
ڪو هوش ته ڪو بيهوش
ڪو دوش ته ڪو نردوش
ڪو نيرس ته ڪو بي رس
ڪو نرالو ڪو متوالو ته ڪو ديوانو
ڪو نرمل ته ڪو ڪومل ۽ ڪو ڪمل
ڪو گهايل ڪو ڦٽيل ته ڪو زخمي
ڪو حاسد ڪو انچل ته ڪو نشچل
ڪو مسافر ڪو پيادو ته ڪو راهي
مون رڙ ڪري چيو - بس بس
شاعرن جي وڌيڪ تعريف نہ ڪر
اهو آهي سچ - آهيان نہ مان اُنهن مان
نہ آهي مون وٽ
ڪوي جي ڪلپنا واري اُڏام
نہ آهن مون وٽ ڪي پريم جا آکيان

ته ٻيو آهي ٻوڏي
سي ڪهڙن ٿيندا پاڻ ۾ هڪ ؟

—o§o—

هڪ ڪوليو ٿئين هندو گهڻگهرئي
ٻيلي معاملو آهي ڏاڍو ڏکيو
ڪهڙي ڀڳوان کي هندو پنهن جو ڪن ؟
ڪهڙي ڀڳوان جي پڄر ڇڏين ؟
ڪهڙو شاستر پڙهن ؟
ڪهڙو ڦٽو ڪن ؟
سوچيو گنڀير - ويچار ڪريو
ڏسيو ڪو نوس اپاءِ
ڪيئن ٿيندا سڀ هندو هڪ ؟

—o§o—

اهڙن پلن - هندو گهڻگهرن کي
ڪري پرڻام - مون جوڙيا ٻئي هٿ
ڪري ونتي مون ڇيو معاف ڪجو
اوهان جهڙن ودوانن اڳيان
آءُ آهيان ننڍڙو بالڪ نادان
ان هوندي ٻه ڪري همت ۽ ساهس
ڪيم چوڻ جو ۽ چوان ٿو
آهه ويچار جوڳي اوهان جي چنتا

ايڪويهين صدي - هندو صدي

رچيندڙ :- ڊاڪٽر ناڪرام ايسراڻي ، اجمير

هندن ۾ آهه قوت
ڪريون ڪيئن ڏور اُن کي
ستائي رهي هئي چنتا
بس اهائي - هندو گهٽڳهرن کي
چنتا هئي فقط اها هڪ
ڪريون ڪيئن سڀني هندن کي هڪ

-o✱o-

ڪنهن چيو ته هندن جو
هڪ ڀڳوان به ته ناهي
چيو ٻئي هندن جو
هڪ ڌرم گرنٿ به ته ناهي
هندن ۾ آهن انيڪ ڀڳوان
پورا ٽيٽيهه ڪروڙ ديوتائون
۽ انيڪ پنٿ - اُپ پنٿ
هڪڙو آهي وشنو
ٻيو آهي شو ڀڳت
هڪڙو آهي جيني

اڌڪاري - ويپاري اڌيڪش
ڊائريڪٽر ۽ راڄيہ ڪرمچاري
پڻ ٿيندو آهہ هڪ منتري منڊل
حڪومت جو چرخو آهہ ورهايل
انيڪ ڪاتن ۽ ويپارن ۾
ٿيندو آهہ جنهن جو
الڳہ الڳہ پرمک
جنهن جو جهڙو هجي ڪم
اُهو وڃي اُن ڪاتي جي پرمک وٽ
ڪرمچاري وٽ - منتري وٽ
وڃي ڪين هرگز هرهڪ ڪم لاءِ
هر راشٽرپتي وٽ
بلڪل اهڙيءَ طرح
جڳہ جو چرخو هلائڻ خاطر
جڳہ جي سرجڻهار
ورهايو آهي سرشٽي جي شاسن کي
الڳہ الڳہ ويپارن ۾
پرم پتا پرماتما
پڌهن جي خلقيل
سرشٽي هلائڻ لاءِ
پهرپائين خلقيائين
ٿي آدي ديو -

پر آهه غلط سوچڻ جو طريقو
منهن جي ويچار ۾
جن کي سمجهيو آهه اوهان
هندن ۾ ڦوٽ جا ڪارڻ
اُهي ناهن - اُهي ناهن
ڦوٽ جا ڪارڻ -

-oXo-

هندن ۾ انيڪ پڳوان
ڀهو ديو واد ناهه خراب
بلڪ آهه وردان
ڪڏهين ڪين ٿيندو
اهو ڦوٽ جو ڪارڻ
ڪجهه سوچيو - ڪجهه سمجهو
ڇو نه ٿا ڪريو پيت
سرشٽي جي سرڪار جي
ڀارت جي سرڪار سان
ٿيندو آهه هن ديش جي
حڪومت جو هر ڪاريه
راشٽرپتي جي نالي ۾
ليڪن ڇا راشٽرپتي
پاڻ ڪندو آهه هر هڪ ڪم ؟
شاسن هلائيندڙ آهن

وايو ديوتا آهه پون ديو
جل ديوتا آهه وروڻ ديو
ورشا ديوتا آهه اندر ديو -
هڪڙو آهه ڌرم راڄ
ٻيو آهه يمراج
هڪڙو آهه ڌن ڪبير
ٻيو آهي چتر گپت
ان ريت ٿيا انهيءَ پيارا
هندن ۾ ڪروڙين ديو -
ڀلا سوچ ڪريو - اڪيلي هن ملڪ ۾
آهن لکين راڄيه ڪرمچاري
پوءِ ڇو ڪين ٿيندا
ساري سرشٽي جي سرڪار
هلائڻ لاءِ پرماتما جا
ڪرمچاري ڪروڙين ديوي ديوتا
ان ۾ آهي ڪهڙو اچرج ؟

—•••—

اهي سڀ ديوي - ديوتا
ايمانداري نشٺا ۽ لگن سان
ڪندا رهن ٿا سونپيل ڪم
الڳ الڳ پنهنجي طريقي
آهي ڪين ٽڪراءُ اُنهن جو

برهما - وشنو ۽ مهيش
سرجڻ جو ڪم ڏنائين برهما کي
رکيائين پالڻ جو ڪم وشنو مٿان
شو آهه ڪلياڻڪاري
ليڪن سنگهار ڪندڙ
وري پوءِ خلقيائين
ٽي ديويون
ماتا درگا - ماتا لڪشمي
۽ ويڻا وردائڻي سرسوتي
آهه درگا ديوي شڪتي داتا
لڪشمي ماتا سک سمپتي داتا
ٻڌي - گيان ۽ وديا داتا
آهه ماتا سرسوتي -

پرميشور آهه وڌايو
سرشٽي جي سرڪار کي
انيڪ ويڀاڳن - ڪاتن
اُپ ڪاتن ۾
پيدا ڪيائين انهن سڀني لاءِ
شاسن اڌيڪش - ويڀاڳ پرمک
بي شمار منڊل اڌيڪش

ماتا درگا - ڀواني - جگدمبا
جو ڪن ٿا وندن
ان ريت هي مذهن جا پيارا
هندو گهڻگهرا ڀڏو - ڀڏو
سوريه ديو هجي يا چندر ديو
ڌرم راج هجي يا ڀل يمراج
جنهن کي توهين چاهيو
ڀل اُن کي ڌيايو -
ڪريو هڪ جي پوڄا يا سيدي جي
ڏيندو آهه سڀ اُن هڪ
پرڀو کي وندن
چئو ٿا وساريو گيتا جو گيان
چيو هيو ڪرشڻ ارجن کي
سيدي ديون کي ڏيندڙ پرڻام
آهن سڀ اُن هڪ پرڀو کي پرڻام
ڪندو آهي هو اهي سڀ قبول
پيارا اهو اٿيئي سو ٿڪا سچ
حاصل ڪيو جنهن کي
هزارن سالن جي ڪٺور تپسيا کان پوءِ
پراچين ڪال ۾
اسان جي رشين منين - سنتن سادن
هو ڪوليو پيڙ سرشٽي جي سنڀالن جو

هڪ ٻئي سان
ڪندا رهن ٿا سدا سهيوگ
هڪ ٻئي سان
سڀ هلائين حڪومت جو چرخو
پرم پتا پرميشور جي نالي ۾
آهه انهن سڀني ديوي ديوتائن
۾ جيوتي ساڳي هڪ پرماتما جي
آهه ڪيندر شڪتي جو هڪ ساڳيو
انهن سڀني ديوي ديوتائن جو
ساڳيو هڪ پرم پتا پرماتما
جڳ جو چرخو هلائيندڙ
آهه هڪ ساڳيو پرماتما
پر ڪري ٿو حڪومت
انهن ڪروڙن ديوي ديوتائن هٿان.

جنهن پراڻي کي ڪپي جو ڪڇ
ڪري هو اُن ديوتا جو وندن
ٻڌي - وديا - گيان - سنگيت خاطر
ڪريو ماتا سرسوتي جي پوڄا
ڌن سمپدا جي اڇا رکندڙ
ڪندا آهن لڪشمي جي پوڄا
ٻل شڪتي ساهس همت چاهيندڙ

ڪنهن ڪنهن جو آءٌ ڪريان ورڻن
اهي سڀ گرنٿ
آهن ڳهان وڌائيندڙ
ڇو ٻڌايون اسين سڀني ڀڳوانن کي
ڇو وساريون ڪروڙين ديوي ديوتا
ڇو ڇڏيون اسين پنهن جا گرنٿ
آهن نه اهي قوم جا ڪارڻ
نه ٿا لڙائين پاڻ ۾ اهي اسان کي

هي منهن جا پيارا هندو گهڻگهرا
ڪريان ٿو هينئر ڪڇ بيان
هندن جي سرو سريشٽ گڻن جو
هندن جهڙي وچارن جي آزادي
ڪونه ملندي ٻين ڌرمن ۾
هندن جهڙي سهن شيلتا
ڪونه ملندي ڪٿي به سنسار ۾
ناستڪ - آستڪ - شو جو پوڄاري
وشڻو جهڙي ٻوڌي
آهن سڀ هڪ ڪٽنب جا ڀاتي
هندن کي مليل آهه ڇوٽ
جنهن کي چاهيو تنهن کي مڃيو

مهرشي منيشين ڀارت ديش ۾
ان ڪري هي منهن جا پيارا
هندن ۾ آهن انيڪ ڀڳوان
۽ ڪروڙين ديوي ديوتا
اهي ڪن ٿا ڪلياڻ جڳت جو
ڪين وجهن ڪا قوت
اُهي آهن وردان جڳت لاءِ

—٭०٭—

هي منهن جا هندو گهڻ-گهار
ذرا سوچيو - ذرا سمجهو
اسان جا سڀ ڌرمي گرنٿ
آهن گيان جا ڀنڊار
آهي ڪونه انهن ۾ ڪوئي ونُرت
لکيل آهن وڏي محنت سان
سوين سالن جي ڪٺن تپسيا سان
چارئي ويد - اُپنشد - پراڻ
ٻيا شاستر نيتي ۽ سمرتي گرنٿ
مهانسائون - شريمد ڀڳوت گيتا
شريمد ڀاڳوت پراڻ
انهن ۾ آهي گيان اُپديش
پرڪاش ڏانهن اهي وٺي ويندڙ
رامائڻ - مهاڀارت

زور زبردستي يا اتياچار
نہ ڦيرايائون ڪڏھن ڪنھن جو
زبردستي ڌرم
سدا ڪيائون شرڻاگت جي رکيا
ڏنائون ڏاڍين کي بہ پوري
ڌرم اُپاسنا جي آزادي
ڪيو ھندن سھني ڌرمن جو
سدا سنمان ۽ سمان آدر
ٿيا ھيا نہ ڪڏھين ھن ديش ۾
ڌرم جي نالي ۾ دنگا
ڌرم جي نالي ۾ دنگا فساد ڪري
ڦرلٽ ڪري باھيون لڳائڻ
ماتائن ڀينرن جي عزت لٽڻ
قتل ڪرڻ
آھن اھي سڀ وڌرمي وديشي
حملو ڪندڙن جا ڪرتوت
اُنھن جي سنسڪرتي

—o✽o—

ھي ملڪ جا ھندو گھڻگھرا
بي شمار گڻن ۾ آھن
ھندن ۾ قوت جو ڪارڻ
ھندن ۾ آھي چوڻ

هت نہ آهي ڪوئي ٻڌن
نہ ٻڌل آهہ هندو
ڪنهن هڪ گرنٿ جي واڪين سان
ڪري نہ ڪنهنجو هندو قتل
وچارن جي متڀيد سبب
نہ وري هندو ڪنهن کي ڪوئي ڪافر
هيڊين يا ڌرم ڀرشٽ

—ههه—

هي منهن جا پيارا هندو گهڻگهرا
هت تہ آهن هزارين ڌرم گرنٿ
گيان گرنٿ
جن ٻڌايو ڀارت کي وشو گرو
ڦهلايو هيو هندن چوطرف وڃي
ان گيان کي ساري سنسار ۾
ٻڌايو هيو سڀني کي آريہ - سڀيہ
ڪيو هيو جنہ گهوش
ڪرڻو نتو وشوم آريم
هي سارو جڳت آهہ
هڪ پريو جوئي ڪٽنب
ڦهلايو هندن وشو پراتري ڀاءُ
ڪونہ ڪيائون ڪڏهن ڪنهن تي ٻہ

سنيون آهن هندن ڌاريون جنيون
انيڪ پيڙائون ۽ لعنت ملامت
ٽوپي هڻي وديشن زبردستي
پنهنجي ڀاشا، پنهنجو ساهتيه
پنهنجي سنسڪرتي
وڃي ويا آهن هندن مٿان
گندا ۽ غلط سنسڪار
ممڪن آهي ان سبب
آيل هجي هندن جي
منوورتي ۾ ڪجهه ڦير
جنهن کي توهين اڄ ڏسو ڪونيو ڦوٽ

—•○•—

هي منهن جا پيارا
هندن جا گهٽ-گهرا
نه ڪريو هيندُو ڪا چنتا
ڪنهن ٽيهٽ کان پوءِ
هيندُو ڀارت ٿيو آهه سوتنتر
ليڪن اڃان به - وديشي پر ڀاو
جي ڪاري ڇايا - ڪونه هٽي آهه
ڀارت مٿان -
ليڪن ان هوندي
آيل آهه هندن ۾ هيندُو

جيڪو وٽي سو پڙهو - پل نہ پڙهو
پڙهي گيان وڌايو يا رهو پل اگياني
هندن ۾ آها بہ انڌي ڇوت
گرنٿ ۾ لکيل گيان سان نہ ٿيو سهمت
پل لکو گرنٿ تي پنهن جي ٽيڪا
ڪونہ سمجهندو ڪوئي برو
نہ ڏيندو ڪوئي ميار
ميان راشدي وانگيان
ڪونہ ڏيندو ڪو موت جي فتوا

—o—

هي منهن جا پيارا
هندن جا گهڻگهرا
هندن ۾ قومت جا ڪارڻ
آهن انيڪ آءٌ ٻڌايان
سوارٿ - پد جي لالچ - ديش دروهہ
۽ سڀ کان وڏو ڪارڻ
آهي هندن جي مورکتا
پاڻ کي نہ سڃاڻڻ جي اگيانتا
هندن کي ڪيو ويو هيو غلام
وديشي ودرمين ڪٽر پنٿين جو
صدين تائين ٿيا آهن
هندن مٿان پيڻڪر اتياچار

ڀوءِ وري ٿيندو ڀارت جو هندو
وشوگرو
ڪير نہ ڪندو سنسار ۾ هندو جو اپمان
هندو ڏيکاريندو دنيا کي
ستيہ - اهنسا ۽ شانتي جي راهہ
هندن جا کهٽ-گهرو اُهو وقت ڪونهي پري
ايڪويهين صدي - ٿيندي هندو صدي

نئي چيتنا نئي جاڳرتي
شروع ڪيو آهه هندن
پاڻ کي سڃاڻ - پاڻ کي ڄاڻ
ڦري رهي آهه ڊور -
قوميت هندن مان
اچي رهي آهه هندن ۾ ايڪتا
ان سبب - چنتا نه ڪر
آهه نه اهو ڏينهن دور
جڏهين هندو ٿيندو شڪتيشالي
۽ سنگٺت
مٽجندا ڀيد پنٿ - اُپ پنٿ جا
جاتي جا - ڀاشا جا - کيتر جا
سڀ هندو گڏجي ڪندا هنڪار
آهيون سڀ هندو هينئر هڪ
ڪريون ٿا هندو هجڻ تي فخر
هي ديش آهه هندو
هي راشٽر آهه هندو
گونجندو تڏهن اهو جئه گهوش
چئني دشائن ۾
آڪاش ۾ پاتال ۾ ۽ پرٿوي تي
پوءِ نه رهندي هندن ۾ ڪا ڦوٽ
ٿينديون توهان جون سڀ چنتائون دور

(۲)

ڇيو پرواني - اڙي ميان مڇر
هٽي وڃ ملڻ جي راهه تان
آءٌ وڃان ٿو ملڻ محبوب سان
ڪرڻ پنهنجي جان نڇاور
اڙي مڇر - توکي ڪهڙي خبر
ڇا ٿيندي آهه پريت جي ريت
توکي ڪهڙو قرباني جو قدر
تون ته آهين مها سوارٿي
چوسيندي پيئندي خون پرائو
بڻجي پيو آهين موٽو تازو
ڇڪر لڳائي - شور مچائي
ڀون ڀون ڪري
پڇين سدا تون شمع کان پري
ڪين ڪڏهن ڪنهن تو پريت
ڪو به نه آهي تنهن جو ميت
مون وانگيان -
ٿيڻ فدا شمع تان
آهه نه تنهن جي ريت

(۳)

ڇيو وري پرواني - اڙي مڇر

مکت چند

واهه - پروانا - واهه
تنهن جو آهه نرالو شان

رچيندڙ :- ڊاڪٽر نالڪرام ايسراڻي ، اجمير

اڙي پروانا - ڏو رو ترس
ڪيڏانهن ٿو ڊوڙين ؟
خبردار شام ٿي چڪي
اونده ٿي چڪي
شمع ٻري چڪي
متان وڃين شمع جي ٻر سان
جلائيندين پنهن جا ڪنڀ
ويندين مري مُنجهي -
ائين چوندي - ڏنگون ٽيڙي
گهڻگهرو ٻڌجي - ڪئي ميان ۾ ڇڙ
ڪوشش پرواني جي
راهه روڪڻ جي

شمع جي انهن اُصولن تان
ڪريان ٿو آءٌ جان قربان -
ڏيئي جي لؤ ٻرندي ڏسي
ٿي ٻمحال ٻوڙان ٿو آءٌ
پهچان وڃي شمع جي پرسان -
ڇڏي پنهن جي پراڻن جو موهه
ڪنب پنهن جا جلايان ٿو
جان پنهن جي وڃايان ٿو
ڪريان فدا ٿو شمع مٿان
پنهن جي جان
ان ڪارڻ ئي ڪوي گت گائڪ
ڪندا رهن ٿا
منهن جو گت گـان -
ڳائيندا رهن ٿا گيت غزل
پريت جي ريت
سک پرواني ڪان

(٥)

اڙي مڇر - ڇو پرواني -
ڌڪار آهي تنهن جي جيون تي
آهين وڏو مطلبي -
ڪرين ڪين ڪڏهين

آءُ ته آهيان ديوانو
پرڪاش مٿان فدا ٿيندڙ پروانو
آهيان دشمن آءُ انڌڪار جو -
شمع آهه هڪ آدرش -
سيوا ۽ پراُپڪار جو -
ٻليدان جي آهه
زنده تصوير -
ذرو ذرو ڪر ٻاري خود کي
ڪري پنهنجي هستي ناس
پر پهچائي جڳ کي پرڪاش
شايد ان ڪارڻ ئي
ٿي آهه جڳ ۾ پرسڌ
چوٽي تمام پراڻي
ڏيئي هيٺان سدائين انڌيرو
منهن جي محبوب ڏيئي کي
چنتا نه آهي پنهن جي گهر جي -
گهر ۾ رکي اونڌهه
جڳ کي ڏئي پرڪاش پرسڪار

—o§o—

(۴)

وري هڪ دفع چيو پرواني
ٻڌ ڙي مٺڙ

(٦)

چوندي ايترو ڏوڙيو پروانو
ڀيٽو اچي محبوب شمع وٽ
ڏيئي جي لؤ کي پائي ڀاڪر
جلايائين پنهن جا کنڀ
ڪري ڇڏيائين پاڻ قربان
واهه - واهه - ڙي پروانا
تنهن جو آهه نرالو شان
جڳ جڳ تائين
هي جڳ ڳائيندو رهندو
تنهن جي پريت جا ڳيت

-oxo-

(٧)

شمع پرواني جي پريت
جي آهه هيءَ امر ڪهاڻي
ڏيندي رهندي سدا پريرڻا
هر جڳهه ۾
ديش ڌرم ۽ ستيه
جي ديوانن کي
ديش ڌرم لاءِ
ستيه جي صدقي

جڳ ۾ ڪنهن سان ڀلائي
پڇائين ڪڏهين ڪين
جڳ ۾ ڪنهن ڪي سک
سمهيل سهڻن ڪي
پائي چڪ ٻرين ٿو پيٽ
ڪيڏو نه ڏين ٿو ڏک
چوسي لهو لوڪن جو
ڪرين ٿو نڌب حرام
ان ڪارڻ - اٿي مڇر
ڳائي نه ٿو ڪو
تنهن جو گيت
ڪوئي نه ڪري
تنهن جو گڻ گان
هٽي وڃ - هٽي وڃ
منهن جي راهه تان
وڃڻ ڏي مونکي پريتم وٽ
ڳائڻ ڏي مونکي
پريت جا گيت
ڪرڻ ڏي مونکي
جيون ٻليدان

-•○•-

گڏدا رهندا پنهن جو
سب ڪجھ قربان -
واهه ! واهه !! پروانا
عجب نرالو آهه تنهن جو شان

من جي اُڏام

رچيندڙ :— واسديو ايسراڻي

اڄ من منهنجو اُڏامڻ ٿو چاهي
اُڏامي دنيا ڏسڻ ٿو چاهي
دنيا آهي ڪيڏي رنگ برنگي
اُڏامي دنيا جا رنگ ڏسڻ ٿو چاهي
امريڪا ڪيئن دنيا کي ٿو نچائي
اُڏامي ڪري من ڏسڻ ٿو چاهي
رام مندر جي خلاف ڇو آهي ڪانگريس ؟
اُڏامي ڪري من ڏسڻ ٿو چاهي
ڪشمير جي حالت خراب ڇو آهي
اُڏامي ڪري من ڏسڻ ٿو چاهي
ڪڏهين وري پرڀو اوتار وٺندو
اُڏامي ڪري من ڏسڻ ٿو چاهي



ٿوري ۾ واقفيت

(ساهتيڪ ڪيتر ۾)

ڊاڪٽر نانڪرام ايسراڻي

بي اي ايل ايل بي، ۽ ڀاڪر ڊاڪٽر
آف سوشل ويلفيئر (آنرري ڊگري)

ائڊووڪيٽ پوسٽ باڪس ٨٩ اجمير ٣٠٥٠٠١

سنڌي - هندي ۽ انگريزي ۾ ليکڪ ڪوي،
رچناڪار وارتا ڪار ڪهاڻيڪار ۽ پترڪار

چيئرمن - راجستان سنڌي اڪاڊمي

پرڌان - اکل ڀارتيه سنڌي سماج

سنڌي هوندي ڪان قلم جي ڪسرت

٧ ڪتاب سنڌي ۾ لکيل

٣ ڪتاب هندي ۾ لکيل

ڪويتا سنگرهه هندي توڙي سنڌي ۾

پئٽرن - ڀارتيه ساهتيه پرشد اجمير

صلاحڪار - اکل ڀارتيه سنڌي ٻولي ۽ ساهتيه پرچار
سڀا بمبئي

ميمبر - آلرس ڪلب آف انڊيا

اڳيون ميمبر ڪاروباري ڪاميٽي - اکل ڀارتيه سنڌي
ٻولي ۽ ساهتيه سڀا بمبئي